# هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ
# وارو سُنّتن ڀريو بيان

## نامحرمن سان ميل ميلاپ جو وبال

9- February-2017

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# نامحرمن سان ميل ميلاپ جو وبال

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(يعني: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

نبين جي سالار، رسولن جي سردار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي :" جيڪو مون تي سو (100) پيرا دُرُودِ پاڪ پڙهندو، اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ ان جون سو (100) حاجتون پُوريون فرمائيندو. اُن مان ٽيهه (30) دُنيا جون آهن ۽ ستّر(70) آخِرَت جون." (كنز العمال،كتاب الاذكار،باب في الصلاة عليه، جزء:١،١/ ٢٥٥، حديث: ٢٢٢٩)

تمهارا نام مُصيبت میں جب لیا ہوگا
ہمارا بِگڑا ہوا کام بن گیا ہوگا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان

www.dawateislami.net

پهريان سنيون سنيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّن عَمَلِه. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الڪبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

ٻہ مدني گُل: 1 بنا سني نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سنيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ڀجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڙڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُواللهَ. تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! هر شخص هي ڳالهہ ڄاڻيندو هوندو تہ اسلام ۾ پردي کي نهايت اَهميت حاصل آهي جيسيتائين مُسلمان عورتن پردي کي اختيار ڪيو مُسلم مُعاشري گهڻي ترقي ڪئي پر جيئن جيئن مسلمانن جي دلين مان پردي ۽ حياء جي اهميت نڪرندي وئي تہ ان جو انجام هي ٿيو تہ مُعاشري ۾ بگاڙ پيدا ٿيندو ويو ۽ طرح طرح جون بُرائيون پيدا ٿيڻ لڳيون، بد نگاهي عام ٿي وئي، فحاشي ۽ عُرياني وڌي وئي ۽ مَجازي عشق ماڻهن کي برباد ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو نيٺ مُعاشرو تباهي جي ڪناري تائين

www.dawateislami.net

پهچي ويو، اڄ جي بيان ۾ اسان انهيءَ مُناسبت سان نصيحت جا مدني گل حاصل ڪنداسين. اچو! سڀ کان پهريان هڪ عبرت انگيز واقعو ٻڌون ٿا، جيئن

## شيطان جو ڄار

حضرت سَيِّدُنا عبدالرحمٰن بن زياد رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا: "هڪ ڀيري حضرت سَيِّدُنا مُوسيٰ عَلٰی نَبِيِّنَا وعَلَيه الصَّلوٰةُ والسَّلام محفل ۾ تشريف فرما هئا ته شيطان سندن وٽ آيو، ان پنهنجي مٿي تي مختلف رنگن واري وڏي ٽوپي پاتل هئي، ابليس سندن ويجهو آيو ۽ رنگين ٽوپي لاهي سندن اڳيان رکي ڇڏي، پوءِ چوڻ لڳو: اي موسيٰ (عَلَيهِ السَّلام)! اوهان تي سلامتي هجي.

حضرت سَيِّدُنا موسيٰ عَلٰی نَبِيِّنَا وعَلَيه الصَّلوٰةُ والسَّلام ان کان پڇيو: "تون ڪير آهين؟" ان چيو: "مان ابليس (شيطان) آهيان." پاڻ هي ٻڌي فرمايائون: "تون ابليس آهين، الله تعاليٰ تو کي سلامتي نه ڏئي بلڪ برباد ڪري، تون مون وٽ ڇو آيو آهين؟" ان جواب ڏنو: "الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ اوهان جو مرتبو نهايت بلند ۽ بَرتر آهي، اوهان الله عَزَّوَجَلَّ جا برگُزِيده پيغمبر آهيو، مان ان ڪري اوهان جي بارگاهه ۾ سلام عرض ڪرڻ آيو آهيان. پاڻ پڇيائون: "هي مختلف رنگن واري ٽوپي ڇا آهي ۽ تو اها ڇو پاتي آهي؟" ابليس جواب ڏنو: "هي منهنجو ڄار آهي، مان ان جي ذريعي ماڻهن جي دِلين کي شڪار ڪندو آهيان، انهن کي پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائيندو آهيان ۽ انهن تي حاوي ٿي ويندو آهيان." اهو ٻڌي پاڻ عَلٰی نَبِيِّنَا وعَلَيه الصَّلوٰةُ والسَّلام فرمايائون: "ڪهڙي سبب تون نيڪ ماڻهن تي حاوي ٿي ويندو آهين؟" شيطان چيو: "جڏهن انسان (پنهنجي عملن تي) مغرور ٿي وڃي، پنهنجي نيڪين کي تمام وڏيڪ شُمار ڪرڻ لڳي ۽ گُناهن کي وساري ڇڏي ته مان ان تي غالب اچي ويندو آهيان ۽ ان کي مضبوطي سان پڪڙي وننڊو

آهيان. ”اي مُوسيٰ (عَلَيه السَّلام) ! آئون اوهان کي ٽن (3) ڳالهين سان خبردار ڪيان ٿو،

(١) ڪڏهن بہ ڪنهن اهڙي عورت سان تنهائي ۾ نہ رهجو جيڪا اَجنبيہ (يعني غير محرم) هجي ڇوتہ جڏهن انسان ڪنهن غير مَحرَم عورت سان گڏ هوندو آهي تہ ان ٻنهي جي وچ ۾ ٽيون آئون هوندو آهيان ۽ انهن کي گناھ ۾ مبُتلا ڪري ڇڏيندو آهيان.

(٢) جڏهن بہ الله عَزَّ وَجَلَّ سان ڪو واعدو ڪيو تہ ان کي ضرور پورو ڪيو، ۽ ان کي پورو ڪرڻ ۾ جلدي ڪيو ڇوتہ جڏهن بہ ڪو شخص الله عَزَّوَجَلَّ سان واعدو ڪري ٿو تہ مان ۽ منهنجا ساٿي ان کي وعدو پورو ڪرڻ کان روڪيندا آهيون.

(٣) جڏهن بہ ڪنهن تي صدقو ڪرڻ جو ارادو ڪيو تہ هڪدم ان تي عمل ڪيو ڇوتہ جڏهن بہ ڪو شخص اهڙو نيڪ اِرادو ڪندو آهي تہ مان ۽ منهنجا ساٿي ان کي وَرغلائيندا آهيون ۽ ان کي ان نيڪ عمل کان روڪيندا آهيون.

ايترو چوڻ کان بعد شيطان مردود پاڻ عَلَيه السَّلام وٽان رُخصت ٿيو ۽ هو اهو چوندي وڃي رهيو هو: "هاءِ افسوس! موسيٰ (عَلَيه السَّلام) منهنجي ٽنهي وَارن کان واقف ٿي ويا، انهن جي ذريعي ئي تہ مان ماڻهن کي ورغلائيندو آهيان، هاڻ موسيٰ (عَلَيه السَّلام) تہ ماڻهن کي انهن ڳالهين سان آگاھ ڪري ڇڏيندا."

(عيون الحڪايات مترجم ،١٩٢/١،عيون الحڪايات، عربي ص ١٢٣)

محبّت میں اپنی گما یا الٰہی نہ پاؤں میں اپنا پتہ یا الٰہی
رہوں مست و بے خُود میں تیری ولا میں پلا جام ایسا پلا یا الٰہی

(وسائلِ بخشش،ص١٠٥)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## ٽيو شيطان هوندو آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻڌو اوهان تہ شيطان مخلوقِ خدا کي جن هٿيارن سان پنهنجو شڪار بڻائيندو آهي انهن مان هڪ نامحرم عورتن سان گڏ تنهائي اختيار ڪرڻ بہ آهي تہ جيڪڏهن ڪٿي مرد ۽ عورت اڪيلا هجن تہ شيطان انهن کي گناهہ جي طرف راغب ڪندو آهي. واقعي غير محرم سان خَلوَت (تنهائي) اختيار ڪرڻ گُناهن جي دروازي کي کولي ڇڏيندو آهي خاتَمُ الْمُرْسَلين، رَحمَةٌ لّلْعٰلمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: لَا يَخْلُوَنَّ رَجُلٌ بِامْرَاَةٍ اِلَّا كَانَ ثَالِثَهُمَا الشَّيطَانُ " جڏهن بہ ڪو شخص ڪنهن اجنبي عورت سان گڏ اڪيلائپ اختيار ڪندو آهي ، انهن سان گڏ ٽيون شيطان ضرور هوندو آهي

(ترمذي،كتاب الفتن،باب ماجاء في لزوم الجماعة،٦٧/٤ ،حديث: ٢١٧٢)

مُفسّر شهير، حڪيمُ الأُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه انهي حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يعني جڏهن ڪو شخص اجنبي عورت سان گڏ اڪيلائپ ۾ هوندو آهي ڀلي اهي ڪيڏا بہ نيڪ هجن ۽ ڪنهن (نيڪ) مقصد لاءِ (ئي) جمع ٿيا هجن (پر) شيطان ٻنهي کي برائي تي ضرور اُڀاريندو آهي ۽ ٻنهي جي دلين ۾ ضرور هيجان (جوش) پيدا ڪندو آهي، خطرو آهي تہ گناهہ ۾ وجهي ڇڏي! انهي لاءِ اهڙي اڪيلائي ۾ جمع ٿيڻ کان وڏيڪ احتياط ڪرڻ کپي گناهہ جي سببن کان بچڻ بہ لازمي آهي، بخار روڪڻ جي لاءِ نزلي زڪام کي روڪيو. (مرآة المناجيح،٢١/٥بتغير قليل)

حضرت علامہ عبدالرؤف مناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: ”جڏهن ڪا عورت ڪنهن اجنبي مرد سان گڏ اڪيلائپ ۾ گڏ ٿيندي آهي تہ شيطان جي لاءِ هي هڪ نفيس يعني زبردست موقعو هوندو آهي، هو انهن ٻنهي جي دلين ۾ خراب وسوسا وجهندو آهي، انهن جي شهوت (يعني بُري خواهش) کي ڀڙڪائيندو آهي،

www.dawateislami.net

حيا چڏي گناهن ۾ ملوّث ٿيڻ جي ترغيب ڏيندو آهي. (فيض القدير، حرف الهمزة، ٣ /١٠٢ ،تحتَ الحديث ٢٧٩٥ ملخصاً)

ياد رکو! مرد کي پنهنجي چاچي جي ڌيءُ (سوٽ)، مامي جي ڌيءُ (ماروٽ)، ڦڦيءَ جي ڌيءُ (ڦڦات)، خالا جي ڌيءُ (ماسات) کان پردو آهي، انهن سڀ کي انگلش ۾ ڪزن (cousin) چوندا آهن، انهن سان تنهائي اختيار ڪرڻ، بي تڪلف (free) ٿيڻ  کل مذاق وغيره ڪرڻ، بيحد خطرناڪ نتائج آڻي سگهن ٿا، اهڙي طرح ياد رکو! سالي، ڀابهي (ڀاڄائي)، چاچِي، ماميءَ کان بہ پردو آهي. انهن سان بہ تنهائي اختيار ڪرڻ، بي تڪلف ھئڻ جي اجازت ناهي جيڪي ماڻهو ائين ڪن ٿا انهن سيني کي الله عَزَّوَجَلَّ جي عذاب کان ڏڪي وڃڻ گهرجي تہ ڪٿي ائين نہ ٿئي جو الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضي جي سبب دنيا ۽ آخرت تباھ ۽ برباد ٿي وڃي، پڻ ھي بہ ياد رکو تہ ڪنهن کي پيءُ، ڀاءُ يا زبان سان پُٽ بڻائي ڇڏڻ سان اهي حقيقي پيءُ، ڀاءُ يا پُٽ نہ ٿا بڻجي سگهن. انهن سان تہ نڪاح بہ درست آهي. اسان جي معاشري ۾ زبان سان ڇيل رشتن جو رواج عام آهي ڪو مرد ڪنهن کي "ماءُ" بڻائي ڇڏي ٿو، ڪا ڇوڪري ڪنهن کي "ڀاءُ" بڻائي ويني آهي تہ ڪنهن خاتون ڪنهن کي "پُٽ" بڻايو آهي، ڪو ڪنهن جوان ڇوڪري جو زبان سان ڇيل چاچو آهي تہ ڪو زبان سان ڇيل پيءُ ۽ پوءِ بي پردگيون، بي تڪلف ۽ مخلوط دعوتون (يعني اهڙيون دعوتون جنهن ۾ مرد ۽ عورت گڏ هوندا آهن انهن ۾ گناهن جو اهڙو سيلاب ايندو آهي جو اَلْاَمَان وَالْحَفِيْظ) صنفِ مخالف سان گڏ زباني رشتا قائم ڪرڻ وارن ۽ وارين کي الله کان ڊڄندو رهڻ گهرجي ڇو تہ شيطان ڦهريان ٻڌائي وار ناهي ڪندو. حديثِ پاڪ ۾ اچي ٿو، "دنيا ۽ عورتن کان بچو ڇو تہ بني اسرائيل ۾ سڀ کان ڦهريون فتنو عورتن جي سبب اٿيو"

(صحيح مسلم، ص. 1465، حديث 2742)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي شيطان جو ڄار ۽ شَهوت جي وَبال کان بچڻ

جي لاءِ اجنبي مَرد ۽ عَورت جو هڪ ٻئي سان پردو ڪرڻ، خَلوَت (اڪيلائپ) ۾ هرگز گڏ نہ ٿيڻ ۽ بد نگاهي کان بچڻ يعني پنهنجي نِگاهن جي حِفاظت ڪرڻ نهايت ضروري آهي، ڇوتہ شَهوت ڀريان مَرد ۽ عَورت جي دل ۾ هڪٻئي جي قُربت ئي جو شوق پيدا ڪندي آهي، قُرب حاصِل ٿيڻ کان پوءِ ڳالهہ ٻولهہ جا سلسلا شروع ٿيندا آهن ۽ پوءِ اها ڳالهہ ٻولهہ اڳتي پاڻ ۾ کل يوڳ ۽ بي تڪلُّفي جو رُوپ اختيار ڪندي آهي، جيڪڏهن ڀريان عشقِ مجازي جو ڀوت مٿي تي سُوار نہ بہ ٿيو هجي يا ٻنهي مان ڪنهن هڪ ئي جي دل ۾ عشق پيدا ٿيو هجي، ۽ جِهجهڪ جي ڪري ان جو اِظهار نہ ڪيو ويو هجي، تہ ان بي تڪلُّفي کان بعد تہ عام طور عشق ٿي ئي ويندو آهي ۽ ان جو اِظهار بہ آساني سان ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ اهو هڪ طرفو عشق، ٻہ طرفو ٿي ڪهڙين ڪهڙين آفتن ۽ گُناهن ۾ مبُتلا ڪندو آهي، ان جو هر عقلمند اندازو ڪري سگهي ٿو. اچو! عشقِ مجازي جي آفتن، مذمتن ۽ هلاڪتن جي باري ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطّار قادري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي تحرير ڪيل 616 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ جي صفحي 40 کان 43 تائين مان ڪجهہ اِقتِباس پڙهون ٿا.

## عشقِ مجازي جون تباهہ ڪاريون

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عشقِ مجازي جون تَباهہ ڪاريون بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ عشق مجازي جو اهڙو عجيب و غريب معاملو آهي عام طور جيڪو هڪ ڀيري ان جي وڪڙ ۾ اچي وڃي، ان جو ان مان بچي نڪرڻ ڏکيو هوندو آهي. اڄڪلهہ عشق مجازي جي باهہ تيزيءَ کان ڦهيلجي رهي آهي، هن جو سڀ کان وڏو سبب اڪثر مسلمانن ۾ اسلامي معلومات جي گهٽتائي ۽ ديني ماحول کان دوري آهي، انهيءَ ڪري هر پاسي گناهن جو

سيلاب اچي چڪو آهي! گناهن پريا چينلز، موبائل فون ۽ انٽرنيٽ وغيره ۾ عِشقِيہ فلمون ۽ فِسقِيہ ڊرامن ڪي ڏسي يا عشق بازين تي خبرون، ۽ ناولن، بازاري ماهنامن، ڊائجسٽن ۾ فرضي افسانن ڪي پڙهي يا ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي مَخلوط (جتي ڇوڪرو ڇوڪري گڏ هجن اهڙن) ڪلاسن ۾ ويهي، يا نامَحرم رشتيدارن سان ملي پاڻ ۾ بي تڪلفي واري راهہ تي هلڻ سان اڪثر نوجوانن کي ڪنهن نہ ڪنهن سان عِشق ٿي ويندو آهي، پهرين هڪ طرفو ٿيندو آهي پوءِ جڏهن فريق اول، فريق ثاني کي ٻڌائيندو آهي تہ بعض اوقات ٻہ طرفا ٿي ويندو آهي ۽ پوءِ عموماً گناهن ۽ نافرمانين جو طوفان اچي ويندو آهي، فون تي دل کولي بي شرمانہ ڳالهيون بلڪ بي حجاب ملاقاتن جا سلسلا ٿيندا آهن، خطن ۽ تحفن جا تبادلا ٿيندا آهن، شادي جا خُفيہ قول ۽ قرار ٿي ويندا آهن، جيڪڏهن گهر وارا ديوار بڻجن تہ ڪڏهن ڀڄي فرار ٿي ويندا آهن، ان ڪان پوءِ اخبار ۾ اِشتِهار ڇپبا آهن، خاندان جي عزت، آبرو سرِ عام نيلام ٿيندي آهي، ڪڏهن ”ڪورٽ ميرج“ جي ترڪيب نهندي آهي تہ ڪڏهن مَعَاذَالله ائين ئي بنا نڪاح جي..... ۽ اهڙن بي رحم انسانن جي ناجائز ٻارن جا لاش ڪچري ڪنڊي (يعني گندگي جي ڍير) ۾ ملندا آهن، ۽ ائين بہ ٿيندو آهي جو ڀڄي نہ سگهن تہ خودڪشي جي راهہ ورتي ويندي آهي جنهن جون خبرون اخبار ۾ تقريباً روزانو شايع ٿينديون رهنديون آهن.

دیکھے ہیں یہ دن اپنی ہی غفلت کی بدولت سچ ہے کہ برے کام کا انجام برا ہے
فریاد ہے اے کشتیِ اُمت کے نگہبان بیڑا یہ تباہی کے قریب آنے لگا ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## عشقِ مجازي ۾ موبائل جو ڪردار

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حقيقت کان انڪار ناهي ته موجوده دور ۾ تمام ئي گهٽيون اخلاقي معاشرتي برائين سان گڏوگڏ عشقِ مجازي کي فروغ ڏيڻ ۾ موبائل فون ۽ انٽرنيٽ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. اڄ ڪلهه عمومًا نوجوان نفساني خواهشات کي پورو ڪرڻ جي لاءِ ”ٽائيم پاس“ ڪرڻ جي آڙ ۾ ڪنهن نه ڪنهن غير محرم سان فون نمبر تي رابطو ڪري ڇڏيندا آهن پوءِ sms، واٽس اپ يا فيس بڪ وغيره جي ذريعي ان تعلق کي وڌيڪ وڌائيندا آهن. ائين ڪجهه ئي عرصي ۾ اجنبيت ختم ٿي ويندي ۽ بي حيائي ۽ عشقِ مجازي جو نه ختم ٿيڻ وارو سلسلو شروع ٿي ويندو آهي.

## موبائل هڪ ذهني ۽ نفسياتي بيماري

موبائل فون جٿي نامحرم سان تعلقات قائم ڪرڻ ۽ حرام ڪمن ۾ مبتلا ٿيڻ جو سبب آهي. اتي ان جا ٻيا نقصانات به عام طور تي ڏسي سگهجن ٿا، موبائل فون ۽ انٽرنيٽ جي ذريعي اسان جا نوجوان پنهنجي تعليمي صلاحيت ۽ قابليت، پنهنجو وقت ۽ پيسه ضائع ڪرڻ سان باز ناهن ايندا. موبائل فون انسان جي جسم سان گڏ ان جي روح ۽ ذهن و دماغ کي به مختلف بيمارين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي، انسان جو جسماني بيماري ۾ مبتلا ٿيڻ ايتري قدر پريشان ڪندڙ ناهي جيتري قدر ان جو روحاني، ذهني ۽ دماغي بيماري ۾مبتلا ٿيڻ تشويشناڪ آهي ڇو ته روح جي بيماري انسان کي بد اخلاقي جي طرف وٺي ويندي آهي۽ ذهن و دماغ جو مرض انسان کي هڪ عجيب ڪشمڪش ۽ بي چيني جهڙي ڪيفيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ انسان جي روشن مستقبل تي ڪارا داغ لڳائي ڇڏيندو آهي. موبائل جي سبب بلڊ پريشر، دل جي دوري ۽ چڙچڙاپڻ جهڙيون بيماريون پهرين جي مقابلي ۾ وڌي رهيون آهن ۽ هي

چڙچڙاپڻ گهريلو ماحول جي لاءِ انتهائي نقصان جو سبب بڻجي رهيو آهي. زال مڙس ۾ جهيڙا ٿي رهيا آهن ۽ خانداني نظام بري طرح سان متاثر ٿي رهيو آهي. هن وقت اها ئي موبائل فون روڊ ايڪسيڊنٽ جو سبب به بڻجي رهيو آهي، سخت قانون جي باوجود به ڪيترائي ماڻهو گاڏي هلائيندي وقت موبائل تي گفتگو ڪرڻ يا گانا باجا ٻڌڻ ۾ ايترا مصروف هوندا آهن جو پنهنجي پٺيان اچڻ وارين گاڏين جو هارن نه ٻڌڻ جي سبب سان خطرناڪ حادثن جو شڪار ٿي ويندا آهي.

## نگاهه جي اهميت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! موبائل فون جي انهن نقصانات کان بچڻ جي لاءِ ضرورتًا سادو موبائل استعمال ڪريو ۽ ان جي ذريعي به فضول sms، يا نا محرمن سان ميل جول کان باز رهو، ايسيتائين جو ڪنهن اجنبيّه عورت تي نظر پوي ته ان کي اکيون ڦاڙي ڏسڻ جي بجاءِ فورًا نگاهون هيٺ جهڪايو، ڇو ته عمومًا نامحرمن سان ميل جول ۽ تعلقات وڌائڻ جي ابتدا ئي بدنگاهي سان ٿيندي آهي جيڪڏهن پهرين ئي انهي دروازي کي بند ڪيو وڃي ته ان خرافات کان بچڻ آسان ٿي سگهي ٿو. مگر بد قسمتي سان اڄ ڪلهه اکين جي حفاظت نه ٿي ڪئي وڃي ۽ انهن کي حرام ڏسڻ ۾ مصروف رکيو وڃي ٿو ياد رکو! اسان جو هي اکيون الله عَزَّوَجَلَّ جي تمام وڏي نعمت آهي. ان جي ذريعي جتي اسان حلال شين کي ڏسي ڪري نيڪيون حاصل ڪري سگهون ٿا اتي ان جو غلط استعمال ڪندي عذاب جا حقدار به بڻجي سگهون ٿا. مثلاً جيڪڏهن فرمانبردار اولاد پنهنجي ماءُ کي محبت ڀري نظر سان ڏنو ته هڪ مقبول حج جو ثواب ماڻيندو ۽ جيڪڏهن ڪنهن غير محرم کي شهوت سان ڏٺو ته عذابِ نار جو حقدار بڻجندو ڇو ته غير محرم کي ڏسڻ اکين جوزنا آهي. جيئن ته

www.dawateislami.net

حضرت سيّدنا عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”اَلْعَيْنَانِ تَزْنِيَانِ“ اکيون بہ بدکاري کنديون آهن (مسند احمد، ج. 2، ص. 84، حديث 3912)

۽ حضرت سيّدنا ابو هريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ ”زِنَا الْعَيْنَيْنِ النَّظَرُ“ اکين جي بدکاري ڏسڻ آهي . (ابو داؤد، ج. 2، ص. 358، حديث 2152)

## اکين ۾ باهہ پري ويندي

حجة الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو شخص پنهنجي نظر کي روڪڻ تي قدرت نٿو رکي اهو پنهنجي شرم گاهہ جي بہ حفاظت نہ ٿو ڪري سگهي. (احياء العلوم، ج. 3، ص. 125)

حضرت سيّدنا علاءبن زياد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: ”لَا تَتَّبِعْ بَصَرَكَ رِدَاءَ الْمَرْاَةِ فَاِنَّ النَّظَرَ يَجْعَلُ فِي الْقَلْبِ شَهْوَةً“ پنهنجي نظر کي عورت جي چادر تي بہ نہ وجهو ڇو تہ نظر دل ۾ شهوت پيدا ڪري ٿي. (حلية الاولياء، ج. 2، ص. 277، رقم. 2217)

## باهہ جي سرائي

حضرت سيّدُنا علامہ ابو الفرج عبدالرّحمٰن بن جوزي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه نقل ڪن ٿا: عورت جي محاسن (يعني حسن و جمال) کي ڏسڻ ابليس جي تيرن مان زهر ۾ ٻڏل هڪ تير آهي، جنهن نامحرم کان اک جي حفاظت نہ ڪئي ان جي اک ۾ بروزِ قيامت باهہ جي سرائي ڦيري ويندي. (بحر الدموع. ص. 171)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! سرمو لڳائيندي اسان جا هٿ ڏڪندا آهن، جيڪڏهن سرمي جي سرائي اک ۾ هلڪي بہ ٽڪرائجي يا سرمو ٿورو تيز هجي تہ اسان جون رڙيون نڪري وينديون آهن، جڏهن اسان کي سرمي جي معمولي سرائي تڪليف ڏيندي آهي تہ بدنگاهي جي سبب جيڪڏهن الله

عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿي وڃي ۽ اسان جي اک ۾ باھ جي سرائي ڦيري وڃي تہ اسان جو ڇا ٿيندو. بد قسمتي اڄ ڪلھ ماڻھو بدنگاھي جا ايتري قدر عادي ٿي چڪا آھن جو معاذ الله ثُمَّ معاذ الله جيسيتائين غير محرم کي تڪينداناھن انھن کي چين ناھي ايندو، اھي پنھنجي ھن مذموم(گھٽيا) مقصد جي حاصل ڪرڻ جي خاطر بازارن، شاپنگ سينٽرن، تفريح گاھن، الغرض جتي جتي بي پرده عورتن جو مجمعو ھوندو آھي اتي گھمندي ڦرندا، بد نگاھي ڪندا ۽ پنھنجي دنيا ۽ آخرت جي بربادي جو سامان ڪندا آھن. جيئن تہ حجة الاسلام حضرت سيدنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه منهاج العابدين ۾ فرمائن ٿا: حضرت سيدنا عيسٰي عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان منقول آھي تہ پاڻ کي بدنگاھي کان بچايو ڇو تہ بدنگاھي دل ۾ شھوت جو ٻج پوکيندي آھي، پوءِ شھوت بدنگاھي ڪرڻ واري کي فتني ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آھي. (منهاج العابدين، ص. 92)

## ڪامل مؤمن جي پهچان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ بدنگاھي انسان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪٿي جو نہ ٿي ڇڏي. ان جو سبب سان ٻانهو الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرمانين ۾ وڌي ويندو آھي. ھر وقت ان جي دل ۽ دماغ ۾ شيطان سمايل ھوندو آھي، عجيب بي سڪوني جو عالم ان تي طاري رھندو آھي، نفساني خواھشات ۽ خيالات ان تي غالب رھندا آھن، نفس جي تسڪين جي لاءِ اھو وڏيڪ ھلاڪت وارن گناھن ۾ مبتلا ٿي ويندو آھي مثلاً بدڪاري وغيره کان علاوه پنھنجي ھٿن سان پنھنجي جواني برباد ڪرڻ سان بہ گريز ناھي ڪندو. بدنگاھي ڪرڻ واري کي جيڪڏھن خبر پئجي وڃي تہ ڪو غير مرد ان جي ماءُ، ڀيڻ، زال يا ڌيءُ کي بري نظر سان ڏسي رھيو آھي تہ ان جي غيرت کي جوش ايندو آھي ۽ ڪاوڙ ۾ اچي ڪري ڏسڻ واري کي اھڙو ٻڌائيندو ڪڏھن مارڻ تي بہ لھي ايندو آھي، پر اھو پاڻ بدنگاھي ڪندو آھي تہ ان ڳالھ کي ڇو وساري ڇڏيندو

آهي تہ جنهن کي اهو ڏسي رهيو آهي اها بہ تہ ڪنهن جي ماءُ، ڪنهن جي ڀيڻ يا ڪنهن جي زال يا ڌيءَ آهي.

## عورتن جو پردو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان کي پاڻ بہ پنهنجي نگاهن جي حفاظت ڪرڻ گهرجي پنهنجي گهر جي عورتن کي بہ اسلامي حڪم مطابق پردي جي تاڪيد ڪرڻ گهرجي، عورتن جي لاءِ پردو تمام ضروري آهي ۽ بي پردگي بعض اوقات گهڻي ئي نقصان ده ثابت ٿيندي آهي، اسان جي معاشري ۾ بي حيائي ۽ فتني فسادن جو هڪ اهم سبب بي پردگي جي نحوست آهي، بعض بد نصيب آزاد خيال عورتون پردي کي قيد ۽ پابندي سمجهنديون آهن ۽ پردي ڪرڻ کي مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ وڏو عيب سمجهنديون آهن اهڙن ماڻهن کي خبر هئڻ گهرجي تہ پردو زحمت ناهي بلڪ رحمت آهي، پردو تہ عورتن جي عزت جي حفاظت ڪندو آهي جڏهن تہ پردو عورت جي لاءِ ڍال آهي ۽ هڪ مسلمان جي لاءِ تہ اها ڳالهہ ڪافي آهي تہ پردي جو حڪم اسان جو رب عَزَّ وَجَلَّ فرمايو آهي: جيئن سيپارو 22 سُوْرَةُالْاَحْزَاب جي آيت نمبر 59 ۾ ارشاد آهي:

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ وَ بَنٰتِكَ وَ نِسَآءِ الْمُؤْمِنِيْنَ يُدْنِيْنَ عَلَيْهِنَّ مِنْ جَلَابِيْبِهِنَّ ؕ

**ترجموڪنزالايمان:** اي نبي! پنهنجي ٻيبين ۽ صاحبزادين ۽ مسلمانن جي عورتن کي فرماءِ تہ پنهنجي چادرن جو هڪ حصو پنهنجي منهن تي رکن.

سيپارو 18سُوْرَةُالنُّور جي آيت نمبر31 ۾ ارشاد آهي:

وَلَا يُبۡدِيۡنَ زِيۡنَتَهُنَّ اِلَّا مَا ظَهَرَ مِنۡهَا وَ لۡيَضۡرِبۡنَ بِخُمُرِهِنَّ عَلٰى جُيُوۡبِهِنَّ ۖ

**ترجموڪنزالايمان**: ۽ پنهنجو سينگار نہ ڏيکارين مگر جيترو پاڻ ظاهر هجي ۽ جڳائي تہ پنهنجي گريبانن کي رئو اوڙهي رکن،

پر افسوس صد افسوس! اسان جي معاشري ۾ خواتين هڪ تہ پاڻ پردو نہ ڪنديون آهن ۽ جيڪي خوش نصيب اسلامي ڀينرون هن قراني حڪم تي عمل ڪنديون آهن انهن کي "مُلائڻ" چئي مذاق اُڏايو ويندو آهي، ڪڏهن (ڪا اسلامي ڀيڻ) عورتن جي ڪنهن تقريب ۾ مدني برقعو پائي وڃي!!! تہ ☜* ڪا چوندي آهي: اڙي ! هي ڇا پائي رکيو اٿئي، لاهہ هِن کي! ☜* ڪا چوندي آهي بس اسان کي معلوم تي ويو تہ تون وڏي پرديدار آهين، هاڻي ڇڏ بہ ڪٽي اهو پردو وغيره! ☜* ڪا چوندي آهي، دنيا تمام ترقي ڪري چڪي آهي ۽ تو ڇا هي دقيانوسي انداز اپنائي رکيو آهي (مَعَاذَ اللهِ عَزَّ وَجَلَّ). اهڙي طرح جي دل ڏکائيندڙ ڳالهين سان شرعي پردو ڪرڻ واريءَ جي دل ڀڄي ڀُري چڪنا چور ٿي ويندي آهي، جيتوڻيڪ واقعي انتهائي نازڪ حالات آهن، شرعي پردو ڪرڻ واري اسلامي ڀيڻ سخت آزمائش ۾ مبتلا رهندي آهي پر همت نہ هارڻ گهرجي. مذاق اڏائڻ يا اعتراض ڪرڻ وارين سان زوردار بحث شروع ڪرڻ يا ڪاوڙ ۾ اچي وڙهي پوڻ سخت نقصانڪار آهي جو ان طرح مسئلو حل ٿيڻ بدران وڌيڪ اُلجهي سگهي ٿو.

اهڙي موقعي تي هي ياد ڪري پنهنجي دل کي تسلي ڏيڻ گهرجي تہ جيستائين تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن عام اعلانِ نبوت نہ فرمايو هو، ان وقت تائين بدبخت ڪافر پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي احترام جي نظر سان ڏسندا هئا ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي امين ۽ صادق جي لقب

www.dawateislami.net

سان ياد ڪندا هئا. پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جيئن ئي علي الاعلان اسلام جي عام ڪرڻ شروع ڪيو تہ اهي ئي بدبخت ڪافر طرح طرح سان ستائڻ، ننول ڪرڻ ۽ گاريون ڏيڻ لڳا، صرف اهو ئي نہ بلڪ جاني دشمن ٿي ويا پر قربان وڃون! سرڪارِ نامدار، اُمّت جي غمخوار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي جو پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن بلڪل همت نہ هاري، هميشہ صبر کان ئي ڪم ورتائون. هاڻي اسلامي ڀيڻ صبر ڪندي غور ڪري تہ آئون جيستائين فيشن ايبل ۽ بي پرده هيس منهنجو ڪوبہ مذاق نہ اڏائيندو هو، جيئن ئي مون شرعي پردو اپنايو، ستائڻ لڳيس. الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر آهي تہ مون کان ظلم تي صبر ڪرڻ جي سنت ادا ٿي رهي آهي. اسلامي ڀينرن کي گهرجي تہ ڪهڙو ئي صدمو پهچي صبر جو دامن هٿ مان نہ ڇڏيو، بِنا شرعي اجازت جي هرگز زبان مان ڪجهہ نہ ڳالهايون. حديثِ قدسي ۾ آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو: ”اي ابنِ آدم! جيڪڏهن تون اوّل صدمي جي وقت صبر ڪرين ۽ ثواب جو طلبگار ٿئين تہ آئون تنهنجي لاءِ جنّت کانسواءِ ڪنهن ثواب تي راضي ناهيان.“

(ابن ماجه ،باب ماجاء في الصبر علي المعصية ،٢/٢٦٦، حديث: ١٥٩٧)

بِلا حساب ہو جنّت میں داخلہ یارَبّ
پڑوس خُلد میں سرور کا ہوعطا یارَبّ

(وسائلِ بخشش، ص ۸۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## پردو ۽ حجاب ڇا آهي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عورتن جي حِجاب جي متعلق ۾ حضرت سَيدُنا امام ابن حَجَر عَسْقَلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا:عورتن جي حِجاب مان مُراد هي آهي (يعني اهي اهڙي طرح پردو ڪن) جو مَرد انهن کي ڪنهن طرح ڏسي نہ

www.dawateislami.net

سگهن. (فتح الباري، كتاب التفسير، باب قوله (وَلَوْلَآ اِذْ سَمِعْتُمُوْهُ قُلْتُمْ)،٩/٣٩٠، تحت الحديث:٤٧٥٠)

عورت اجنبي مرد جي لاءِ مٿي کان پيرن تائين پردي لائق (يعني لڪائڻ جي شيءِ ) آهي (مرأة المناجيح ،پردي کے احکام،پهلي فصل، ١٣/٥) ۽ لڪايو انهيءِ شيءِ کي ويندو آهي جنهن کي غير جي نگاهن کان بچائڻ مقصود هوندو آهي ۽ غير مان مُراد ڪير آهي؟ ان جي باري ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيبﷺ جن اِرشَاد فرمايو آهي:عورت پردي ۾ رهڻ جي شيءِ آهي، فَاِذَا خَرَجَتْ اِسْتَشْرَفَهَا الشَّيطَانُ. يعني جڏهن اها ٻاهر نڪرندي آهي ته شيطان ان کي نِگاهه کڻي کڻي ڏسندو آهي. (ترمذي،کتاب الرضاع،١٨-باب،٣٩٢/٢، حديث:١١٧٦)

مُفَسّرِ شَهير، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه هن حديثِ پاڪ جي شرَح ۾ فرمائن ٿا ته اِستِشرَاف جي معنيٰ آهي ”ڪنهن شيءِ کي غور سان ڏسڻ“ يا ان جي معنيٰ آهي ”ماڻهن جي نگاهن ۾ چڱو ڪرڻ ته جيئن ماڻهو ان کي غور سان ڏسن“ يعني عورت جڏهن بي پردهه هوندي آهي ته شيطان ماڻهن جي نگاهه ۾ ان کي سهڻو رکندو آهي ته اهي هرويرو ان کي تڪندا آهن، مشهور چوڻي آهي ته پَرائي عورت ۽ پنهنجي اولاد سني لڳندي آهي ۽ پَرايو مال ۽ پنهنجو عقل وڌيڪ معلوم ٿيندو آهي. (مرأة المناجيح ،پردي کے احکام، دوسري فصل، ١٢/٥)

کریں اسلامی بہنیں شرعی پردہ
عطا ان کو حیا شاہِ اُمم ہو
(وسائلِ بخشش،ص٣١٣)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پردو صرف عورتن جي لاءِ ئي ڇو؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسلام يقيناً اهڙو پاڪ مذهب آهي جيڪو عورت جي

www.dawateislami.net

عزت ۽ عصمت (پاڪ دامني) جو محافظ آهي جڏهن تہ ان کي گهر ۾ رهڻ جو حڪم ڏنو آهي تہ جيئن گهر ۾ رهندي چڱي نموني گهر جا ڪم ڪري، پنهنجي مڙس جي حقن ۽ ٻارن جي سني پرورش ڪري ۽ پنهنجي عفت ۽ عصمت (عزت و پاڪ دامني) جي حفاظت ڪري سگهي. عورت جو پنهنجي گهر ۾ رهڻ ڪيتري قدر اهميت جو حامل ۽ ڪهڙن ڪهڙن فائدن جو ضامن آهي اچو هن باري ۾ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 170 صَفحن تي مُشتمل ڪتاب "اسلامي زندگي" صَفحَي 105 تان ڪجهہ مدني گل ٻڌون ٿا.

(1)☜عورت گهر جي دولت آهي ۽ دولت کي لڪائي گهر ۾ رکيو ويندو آهي، هر هڪ کي ڏيکارڻ سان خطرو آهي تہ ڪوئي چوري ڪري وٺي. اهڙي طرح عورت کي لڪائڻ ۽ غيرن کي نہ ڏيکارڻ ضَروري آهي.

(2)☜عورت گهر۾ اهڙي آهي جيئن باغيچي۾ گل ۽ گل باغيچي ۾ رئي سر سبز رهي ٿو، جيڪڏهن پٽي ٻاهر آندو ويو تہ ڪومائجي ويندو.اهڙي طرح عورت جو باغيچو ان جو گهر ۽ ان جا ٻار ٻچا آهن، ان کي بلاوجہ ٻاهر نہ آڻيو نہ تہ ڪومائجي ويندي. عورت جي دِل نِهايت نازُڪ آهي، نهايت جلد هر طرح جو اَثر قبول ڪندي آهي، ان ڪري انهن کي نازڪ شيشيون فرمايو ويو.

(3)☜ اسان وٽ پڻ عورت کي صِنفِ نازُڪ چون ٿا ۽ نازُڪ شين کي پٿرن کان پري رکبو آهي تہ جيئن ٽُٽي نہ وڃن. غيرن جي نگاهون ان جي لاءِ مضبوط پٿر آهن، ان ڪري ان کي غيرن کان بچايو.

(4) عورت پنهنجي مڙس ۽ پنهنجي پيءِ ڏاڏي بلڪ سڄي خاندان جي عزّت ۽ آبرو آهي ۽ ان جو مِثال سفيد ڪپڙي وانگر آهي، سفيد ڪپڙي تي معمولي داغ دبو پري کان چمڪندو آهي ۽ غيرن جون نگاهون ان جي لاءِ هڪ بدنُما

داغ آهن، ان ڪري ان ڪي انهن داغن کان پري رکو.

(5) عورت جي سڀ کان وڏي تعريف هي آهي تہ ان جي نِگاھ پنهنجي مڙس جي علاوه ڪنهن تي نہ هجي، جيڪڏهن ان جي نِگاھ ۾ ڪجھ مرد اڇي ويا تہ ائين سمجھو تہ عورت پنهنجو جوهر وڃائي چڪي، پوءِ ان جي دِل پنهنجي گھر ٻار ۾ نہ لڳندي جنهن سبب هي گھر آخر تباھ ٿي ويندو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ملاحظ فرمايو تہ عورتن جو پردي ۾ رهڻ ڪيتري قدر ضروري آهي چوتہ حالات ڏينهون ڏينهن نازڪ ٿيندا پيا وڃن ان ڪري اڃا بہ وڌيڪ احتياط جي حاجت آهي تنهنڪري اسان کي بہ گھرجي تہ اسان پنهنجي گھر جي خواتين کي مَحَبَّت ۽ شفقت سان سمجھايون، انهن کي پردي جي اهميت ۽ پردي نہ ڪرڻ جا نُقْصان ٻڌائي انهن کي پردي جو پابند بڻايون. بعض اهي اِسلامي ڀينرون جيڪي ڪنهن مُعاشَرتي مجبوري جي سبب گھر کان ٻاهر خاص ڪري ڪنهن سفر تي نڪرڻو پوي ٿو تہ پردي جو اِهتِمام نٿيون ڪن، بلڪ پنهنجي بي پردگي جو عُذر ائين بيان ڪنديون آهن تہ اسان جي لاءِ ائين ممڪن ناهي. اهڙين تمام اِسلامي ڀينرن کي سمجھائڻ جي لاءِ حضرت سَيدَتُنا اُمِّ حڪيم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جي اها حِڪايت ئي ڪافي آهي. جيئن،

## مشقت جي باوجود پردو نہ ڇڏيو

حضرت سَيدُنا عبدُالله بن زُبير رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مَروي آهي تہ فتح مڪ جي موقعي تي جڏهن اسلام جي دشمن اَبُو جهل جي پٽ حضرت سَيدُنا عِڪرِمہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي گھرواريءَ حضرت سَيدَتُنا اُمِّ حڪيم بنتِ حارِث رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا اِسلام قبول ڪيو تہ بارگاھ رِسالت ۾ عرضَ ڪيائين: اي الله عَزَّوَجَلَّ جا رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! عِڪرِمہ (جيڪي اڃا تائين مسلمان نہ ٿيا هئا) يمن ڏانهن ڀڄي

ويا آهن ۽ هو هن ڳالھ سبب خوف زَده آهن تہ اوهان انهن کي قتل ڪري ڇڏيندؤ، تنهنڪري انهن کي اَمان عطا فرمايو. پوءِ پاڻ ڪريمصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي درخواست قبول ڪندي عِڪرِمَہ کي اَمان ڏئي ڇڏي. پوءِ حضرت سَيدَتُنا اُمِّ حڪيم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا عِڪرِمَہ جي ڳولھا ۾ باپرده نڪتيون ۽ آخر تِهامَہ جي ساحل تي پهتيون. هوڏانهن عِڪرِمَہ بہ انهيءَ ساحل تي پهچي ٻيڙيءَ تي چڙهيا تہ ڪشتي لڏڻ لڳي، ڪشتي واري چيو: اِخلاص سان رب کي ياد ڪيو. عڪرمہ چيو: مان ڪهڙا لفظ چوان؟ ان چيو: لَا اِلٰهَ اِلَّا الله چئو! تہ هن چيو: هن ڪلمي جي ڪري تہ مان هتي تائين پهتو آهيان، بس توهان مون کي هتي ئي لاهي ڇڏيو. ايتري ۾ حضرت سَيدَتُنا اُمّ حڪيم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا اوهان کي ڏسي ورتو ۽ ان کي چوڻ لڳيون: اي منهنجي چاچي جا پٽ! مان هڪ اهڙي عظيم هستي وٽان اچان پئي جيڪي نهايت گهڻا رحم دل ۽ احسان فرمائڻ وارا آهن، هو ماڻهن ۾ سڀ کان افضل آهن. تنهنڪري پاڻ کي هلاڪت ۾ نہ وجهو! سندن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي زور پرڻ تي عِڪرِمَہ رُڪجي ويا، پوءِ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا انهن کي اَمان جو يقين ڏياريندي واپسي جي لاءِ آمادو ڪري ورتو، ان کان پوءِ ٻئي مڪہ مڪرمہ زَادَهَا اللهُ شَرَفًاوَّتَعْظِيماً موٽي آيا ۽ ائين حضرت سَيدَتُنا اُمِّ حڪيم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا پنهنجي مڙس حضرت سَيّدُنا عِڪرِمَہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان گڏ باپرده بارگاه نبوّت ۾ حاضِر ٿيون تہ انهن اَمان جو يقين ڪرائڻ کان بعد اِسلام قبول ڪري ورتو.

(ڪنز العمال، ڪتاب الفضائل، فضائل الصحابة، عڪرمه رضي الله عنه، ٧/ ٢٣٢، حديث:٣٧٤١٦)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حِڪايت ۾ اسان سيني جي لاءِ تمام گهڻا مَدَني گل موجود آهن ۽ تن مان سڀ کان اَهم مَدَني گل هي آهي تہ حضرت سَيدَتُنا اُمِّ حڪيم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا اِسلام آڻڻ کان بعد پنهنجي مڙس کي بہ اِسلام جي حَقّانِيت واري چانو ۾ آڻڻ جي لاءِ ايتري قدر ڏکھو سفر ڪيو پر اِسلامي تعليمات تي عَمَل ڪنهن بہ موقعي تي نہ ڇڏيو ۽ دشوار سفر ۾ بہ باپرده رهيون. ائين نيٺ

سندن پنھنجي گھر کي اسلام جو مرڪز بنائڻ جي سوچ رنگ لاتو ۽ سندن مڙس بہ اسلام جي رنگ ۾ رنڱجي ويا. پنھنجن گھرن کي مَدَني ماحول وارو بنائڻ جي لاءِ جيڪڏھن اوھان کي بہ مُشڪلاتن کي منھن ڏيڻو پوي تہ بُزرگانِ دِين جي قُربانين ۽ انھن جي راھ ۾ ايندڙ مُشڪلاتن کي ياد ڪريو ۽ ياد رکو تہ ان پرخَطَر راھ تي ھلڻ وڏي دِل گُردي جو ڪم آھي. سچي وَفا تہ اھا آھي تہ جڏھن پاڻ مَدَني ماحول جي برڪتن سان فيضياب ٿيون تہ پنھنجي ڀين گھر وارن کي بہ تبليغِ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سِياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول جي مُعطّر ۽ مشڪ بار فضائن کان پري نہ رھڻ ڏيون. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي ڏينھن رات چوڻ تي ترقي جي راھ تي گامزن آھي ۽ ڪم وبيش 103شعبا وجود ۾ اچي چڪا آھن اچو! مان اوھان جي سامھون انھن شعبن مان ھڪ نھايت اَھم شعبو ”المدينہ لائبريري“ جو تعارف پيش ڪيان ٿو.

## مجلس اَلمدينہ لائبريري جو تَعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن جي عالمگير غير سِياسِي تحريڪ دعوتِ اسلامي سُنَّتن جي خِدمت 100 کان وڌيڪ شُعبن ۾ مدني ڪم ڪري رھي آھي. آسان انداز ۾ علمِ دين جي روشني ڦھلائڻ ۽ ماڻھن کي اسلامي تعليمات سان رُوشَناس ڪرائڻ جي لاءِ انھن شعبن مان ھڪ شُعبو ”المدينہ لائبريري“ بہ قائم ڪيو ويو آھي. جنھن ۾ مُطالَعي جي لاءِ خُوشگوار ماحول، آڊيو، ويڊيو بيان ۽ مدني مذاڪرا ٻڌڻ ۽ مَدَني چينل ڏسڻ جي لاءِ ڪمپيوٽر وغيره جي ترڪيب ٺاھي ويندي آھي. المدينہ لائبريري ۾ مُختلِف مَوضُوعن تي مُشتمِل شيخِ طريقت، اميرِ اَھلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه، عُلَماءِ اھلسنت كَثَّرَهُمُ اللهُ تَعَالٰی ۽ اَلمدِينَۃُ العِلمِيہ جا ڪتاب ۽ رسالا ۽ VCDs, CDs ميموري ڪارڊز وغيره رکڻ جي مجلس جي طرفان طئي ٿيل نظام جي مطابق رکڻ جي ترغيب

ڏياري ويندي آهي. اسان بہ هن سَهولَت مان فائدو کڻندي علمِ دين جي برڪتن کان مالا مال ٿي سگهون ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻارهن مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "چوڪ درس"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان بہ گُناهن کان بچڻ، فڪرِ آخرت جي لاءِ تڙپڻ ۽ سُنَّتن تي عمل جو جذبو ماڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي نيڪي جي ڪمن ۾ ترقّي جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصّو وٺو. ذيلي حلقي جي ٻارهن مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم چوڪ درس بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ چوڪ دَرس گهٽي جي ڪنڊ، مارڪيٽ يا ڪنهن بارونق هنڌ تي مُسَلمانن کي بُرائين کان بچائڻ، نيڪين ۾ رَغْبت وڌائڻ، نمازن جي پابندي جو ذِهن بنائڻ سان گڏوگڏ عِلمِ دِين جون گهڻيون ڳالهيون پهچائڻ جو ذريعو آهي ۽ ماڻهن تائين عِلمِ دِين جون ڳالهيون پهچائڻ اَجر ۽ ثواب جو ڪم آهي.

فرمانِ مُصْطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جيڪو شخص منهنجي اُمَّت تائين ڪا اسلامي ڳالهہ پهچائي تہ جيئن ان سان سُنَّت قائم ڪئي وڃي يا ان سان بد مذهبي دور ڪئي وڃي تہ اهو جنَّتي آهي. (حِلْيَةُ الْاولياء ج١٠ ص ٤٥ حديث ١٤٤٦٦) هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي: "اللّٰه تَعَالٰي ان شخص کي با رونق ۽ شاداب رکي جيڪو منهنجي حديث کي ٻڌي، ياد رکي ۽ ٻين تائين پهچائي."

(سُنَنِ تِرمِذي ج٤ ص ٢٩٨ حديث ٢٦٦٥)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! چوڪ درس جون وڏيون برڪتون آهن بعض اوقات چوڪ دَرس ۾ شرڪت جي بَرَڪت سان ماڻهن جي زِندگي ۾ اهڙو مَدَني اِنقلاب

برپا ٿي ويندو آهي جو اهي پنهنجي گناهن ڀري زِندگي کان توبہ ڪري نيڪين جي راھ تي گامزن ٿي ويندا آهن اچو انهيءَ باري ۾ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا.

## اڪيلو درس ڏيڻ جي بَرَڪت

لائنز ايريا (باب المدينہ ڪراچي) جي اسلامي ڀاءُ ڪجھ هن طرح بيان ڏنو تہ مان پنهنجي گھر جي ڇَت تي ويٺو هيس تہ منهنجي نظر گھٽي ۾ ويٺل دعوتِ اسلامي جي هڪ باعِمامہ اسلامي ڀاءُ تي پئي جيڪو اڪيلو ئي چوڪ درس ڏئي رهيو هو هڪ بہ اسلامي ڀاءُ درس ٻڌڻ جي لاءِ نہ ويٺو هو مان هونئن تہ دين کان عملي طور تي ايتري قدر پري هيس جو سَبز عمامي وارن کي ڏسي ڪري پڄي ويندو هئس، پر الائي ڇو هن کي اَڪيلو درس ڏيندي ڏسي ڪري مون کي ترس اچي ويو، سوچيم تہ هن سان ڪير بہ ناهي ويٺو! تہ هلو ڀلا مان ئي ويهان ٿو، سو مان چوڪ درس ۾ شريڪ ٿي ويس منهنجو چوڪ درس ۾ شريڪ ٿيڻ منهنجي اِصلاح جو سبب بڻجي ويو ۽ مان مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس هي، بيان ڏيڻ وقت اَلحَمدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي علائِقي جي مدني اِنعامات جو ذميدار آهيان، هڪ اهو ڏينهن هو جو سَبز عمامي وارن کي ڏسي ڪري پڄي ويندو هئس ۽ اڄ اهو ڏينهن آهي جو پاڻ منهنجي مٿي تي سَبز سَبز عِمامي جو تاج جڳمڳ ڪري رهيو آهي. (غيبت جون تباھ ڪاريون،ص١٣٦)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”ويلنٽائن ڊي“ جون خُرابيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلھ مسلمانن جي عملي حالت ڪافي خراب ٿيندي پئي وڃي مُسلمان ديني تعليمات کي ڇڏي اَغيار جون عادتون ۽ طور طريقا اپنائڻ ۾ وڏو فخر محسوس ڪري ٿو خاص ڪري انهن جي خاص ڏيهاڙن کي ملهائڻ جي لاءِ خُوب پيسو برباد ڪري، وقت ضائع ڪري ۽ بدنگاهي، شراب

نوشي ۽ بدڪاري جهڙن گناهن ۾ ٿورو به شرم محسوس نٿو ڪري. اهڙين ئي خُرافات جو اِرتڪاب ”ويلنٽائن ڊي“ جي موقعي تي به سَرعام ڪيو ويندو آهي. هن ڏينهن ماڻهو تمام شرعي حدن کي اورانگهي خوب گناهن جو بازار گرم ڪندا آهن. هن ڏيهاڙي کي ملهائڻ جو انداز هي هوندو آهي ته نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون بي پردگي ۽ بي حيائي سان ميل ملاپ، تحفا سوکڙين جي ڏي وٺ کان وٺي فحاشي ۽ عرياني جي هر قسم جو مظاهرو کلي عام يا لڪي چوري جنهن جو جيترو وس هلي ٿو عام ڏٺو يا ٻڌو ويندو آهي، گفٽ شاپس (gift shops) ۽ گلن جي دڪانن تي رش ۾ اضافو ٿي ويندو آهي ۽ انهن شين کي خريدڻ وارا به نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون هونديون آهن. اسلامي ملڪن ۾ کلي ڇوٽ نه هئڻ جي ڪري نوجوان جوڙن کي پنهنجي ناجائز خواهشن پوري ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن محفوظ هنڌ جي ڳولها هوندي آهي. انهيءَ مقصد جي لاءِ ويلنٽائن ڊي تي هوٽلن جي بکنگ عام ڏينهن جي مقابلي ۾ وڌي ويندي آهي .شراب جو (مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ) تمام گهڻو ڪاروبار ٿيندو آهي سمنڊ جي ڪناري تي بي پردگي ۽ بي حيائي جو هڪ نئون سمنڊ ڏسڻ ايندو آهي.

اهي ملڪ جتي غير مسلم مادر پدر آزادي (مذهبي ۽ اخلاقي پابندين کان آزاد) رهن ٿا ۽ فحاشي و عُرياني ۽ جنسي بي راهه روي کي اتي هر طرح جي قانوني ڇوٽ حاصل آهي ان ڏينهن جي ڌمچر مچائڻ، گوڙشور ڪرڻ کان بعض اوقات اهي به پريشان ٿي ويندا آهن ۽ ان جي خلاف بعض اوقات ڪٿي ڪٿي دبيل احتجاج جي صداء به بلند ٿيندي رهندي آهي .

وڏي ڏُک ۽ افسوس جي ڳالهه هي آهي ته هن ڏينهن کي غير مسلمن جيان بي حيائي سان ملهائڻ وارا گهڻا مسلمان به الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسولِ ڪريم صَلَّي الله تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عطا ڪيل پاڪيزه احڪامن کي نظر انداز ڪندي کُلم

www.dawateislami.net

ڪلا گناهن جو اِرتڪاب ڪري نہ صرف پنهنجي اعمال نامي جي سياهي ۾ اضافو ڪندا آهن بلڪ مسلم مُعاشري جي پاڪيزگي کي بہ ان بي هودگين سان ناپاڪ ۽ آلُودهہ ڪندا آهن. بد نگاهي، بي پردگي، فحاشي ۽ عُرياني، اجنبي ڇوڪري ڇوڪرين جو ميل ملاپ، ڪل پوڳ، ان ناجائز تعلُّق کي مضبوط رکڻ جي لاءِ تحفن جو تبادلو ۽ اڳتي بدڪاري تائين جي نوبت هي سڀ اهي ڳالهيون آهن جيڪي ان گناهن واري ڏينهن زور و شور سان جاري رهنديون آهن ۽ انهن سڀني شيطاني ڪمن جي ناجائز ۽ حرام هئڻ ۾ ڪنهن مسلمان کي ٿورو بہ شبو نٿو ٿي سگهي ڇوتہ قرآنِ ڪريم جي روشن آيتن ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي واضح ارشادات سان هنن ڪمن جو حرامت هجڻ ثابت آهي.

## رسالو ”صحابيات اور پرده“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پردي جي باري ۾ بي حد مُفيد معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل 57 صفحن تي مشتمل رسالو بنام ”صحابيات اور پرده“ جو مطالعہ فرمايو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن رسالي ۾ پردي جي باري ۾ قرآن ۽ سُنَّت مان ورتل مدني گل ۽ بي پردگي جي تباهہ ڪارين ۽ پردي جي باري ۾ امير اهلسنت جي مختلف ڪتابن مان ڪنيل ڪجهہ مدني گل بہ ڇوندڻ لاءِ ملندا. ان جي علاوه ويلنٽائن ڊي تي ٿيڻ وارين خرافات جي مذمت بابت وڌيڪ معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو رسالو ”ويلنٽائن ڊي“ جو مطالعو بہ ڪيو.

ہر گھڑی شرم و حیا سے بس رہے نیچی نظر
پیکرِ شرم و حیا بن کر رہوں آقا مُدام

(وسائل بخشش، ص۲۴۶)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جهانِ فاني مان لاڏاڻو ڪري ويندڙن سان پردو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! افسوس! اڄڪلھ خواتين پردي جي مُعاملي ۾ مختلف حيلا بهانا ڪنديون آهن ۽ پردي جي معاملي ۾ سستي جو شڪار نظر اينديون آهن جيڪڏهن اسان صحابيات طيبات رَضِيَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُنَّ جي سيرت جو مطالعو ڪيون تہ معلوم ٿئي ٿو تہ انهن نہ صرف زنده ماڻهو کان پردو ڪيو بلڪ جهانِ فاني مان لاڏاڻو ڪري ويندڙن سان بہ پردي جو اِهتِمام ڪري تاريخ جي سنهري ورقن ۾ رنگ ڀري ڇڏيو. جيئن،

اُمُّ الْمُومِنِين حضرت سيدَتُنا عائشہ صِدِّيقہ رَضِيَ اللہ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون: جڏهن مان پنهنجي ان گهر ۾ داخِل ٿيندي هيس جنهن ۾ رسولُ الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ منهنجا والِد مدفون آهن تہ ان خيال سان پنهنجو رئو نہ اوڍيندي هئس تہ هتي تہ منهنجا مڙس ۽ والِد آهن، پر جڏهن کان عُمَر فاروق رَضِيَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُ اتي دفن ٿيا تہ خُدا جو قسم! مان انهن کان شَرم جي سبب با پرده حاضِر ٿيندي آهيان.

(مسند احمد، مسند عائشه رضي الله عنها، ۱۲/۱۰، حديث:۲۵۷۱۸)

## حدِيث جي شرح

حڪيمُ الاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيْه مِراٰةُ المناجيح جلد 2 صَفحي 527 تي هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: يعني جيستائين منهنجي حُجري ۾ رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ حضرت ابوبڪر صِدِّيق (رَضِيَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُ) دفن رهيا تيستائين تہ مان مٿو کولي يا ڍڪي هر طرح حُجري شريف ۾ هلي ويندي هئس ڇوتہ نہ خاوند سان حِجاب ٿيندو آهي نہ والِد سان، (پر) جڏهن کان حضرتِ عُمَر رَضِيَ اللہ تَعَالٰی عَنْهُ منهنجي حُجري ۾ دَفن ٿيا تڏهن کان مان بغير چادر اَوڍي ۽ پردي جو پورو اِهتِمام ڪرڻ بنا حُجري شريف ۾ نہ ويس ڇوتہ حضرتِ عُمَر رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ سان شَرم ۽ حياءُ ڪيان ٿي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن حديث مان ڪيئي مسئلا مَعلوم ٿيا: هڪ هي تہ مَيت جو وفات کان پوءِ بہ اِحتِرام (ڪرڻ) گهرجي. فقهاءِ ڪرام فرمائن ٿا تہ مَيّت جو اهڙو ئي اِحتِرام ڪري جيئن تہ ان جي زِندَگي ۾ ڪندو هو. ٻيو هي تہ بزرگن جي قبرن جو بہ اِحتِرام ۽ انهن سان بہ شَرم ۽ حَيا ڪجي. ٽيو هي تہ مَيّت (مُردو) قبر جي اندران ٻاهر وارن کي ڏسندو ۽ انهن کي سڃاڻندو آهي. ڏسو! حضرتِ عُمَر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان عائشہ صِدِّيقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا سندن وفات کان بعد شرم و حَيا ڪري رهي آهي ۽ جيڪڏهن حضرت عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه ٻاهر جي ڪا شيءِ نہ ڏسن ها تہ پوءِ ان کان حَياء ڪرڻ جي ڇا معنيٰ؟. چوٿون هي تہ قبر جي مٽي، تختا وغيره تہ مَيّت جي اکين جي لاءِ حِجاب (رڪاوٽ) نٿا بڻجي سگهن پر زائر (يعني زِيارَت ڪرڻ واري) جي جسم جو لباس انهن جي لاءِ اوٽ آهي، تنهنڪري مَيّت کي زائر(زيارت ڪرڻ وارو) برهنہ نہ ٿو نظر اچي نہ تہ حضرتِ عائشہ صِدِّيقہ (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا) جو چادر اَوڍي اتي وڃڻ جي ڇا معنيٰ هئي، هي قدرت جو قانون آهي. (مراۃ المناجيح، قبرون کي زيارت، ٽيسري فصل، ٢/٥٢٧)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان نا محرمن سان ميل جول جو وبال، ويلنٽائن ڊي ملهائڻ جي نحوست ۽ بي حيائي ۽ بي پردگي جي مذمت بابت ٻڌو، يقيناً بي حيائي مُعاشري ۾ بگاڙ جو سبب آهي.

☜* جڏهن بہ مرد ۽ عورت تنهائي ۾ هوندا آهن تہ شيطان انهن کي برائي تي اڀاريندو آهي.

☜* عورت گهر جي دولت آهي جنهن کي لڪائي رکڻ ضروري آهي هر هڪ

ڪي ڏيڪارڻ سان چوري ٽيڻ جو خطرو آهي .

*☜ پردي جو ذهن بنائڻ جي لاءِ صحابيات جي سيرت مبارڪ تي نظر ڪيو تہ انهن مشقتن جي باوجود بہ پردي ڪي نہ ڇڏيو.

*☜ بي پردگي ۽ بد نگاهي ۾ الله عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني آهي-

*☜ بي پردگي مُعاشَري ۾ فَحاشي جي ڦهلاءُ جو ذريعو آهي-

الله عَزَّوَجَلَّ اسان ڪي بي حيائي ،بد نگاهي ۽ بي پردگي کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! شيخِ طريقت، اميرِاهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101 مدني گل“ مان سلام جي باري ۾ ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا:

## مَدَني گل

﴿1﴾ مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي. ﴿2﴾ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب بهار شريعت جلد 3 صفحي 469 تي لکيل مسئلي

جو خلاصو آهي: ”سلام ڪرڻ وقت دل ۾ اها نيّت هجي تہ جنهن کي سلام ڪري رهيو آهيان ان جو مال ۽ عزت، آبرو سڀ ڪجهہ منهنجي حفاظت ۾ آهن ۽ مان انهن مان ڪنهن شيء ۾ دخل اندازي ڪرڻ حرام سمجهان ٿو“ ﴿3﴾ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ بار بار اچ وڃ ٿئي، اتي موجود مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ﴿4﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ سنّت آهي ﴿5﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو الله عَزَّوَجَلَّ جو مُقرّب آهي ﴿6﴾ سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بہ بَري آهي جيئن منهنجي مکي مدني آقا، مٺي مٺي مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ وارو تَڪَبُّر کان بَري آهي. (شعب الايمان ج 6 ص 433 حديث 8786)

﴿7﴾ سلام (۾ اڳرائي) ڪرڻ واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿينديون آهن. (ڪيميائے سعادت) ﴿8﴾ اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ چوڻ سان 10 نيڪيون ملن ٿيون، گڏوگڏ وَرَحۡمَةُ الله بہ چوندا تہ 20 نيڪيون ٿي وينديون ۽ وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪندؤ تہ 30 نيڪيون ٿي وينديون. ڪي ماڻهو سلام سان گڏ جنّت المقام ۽ دوزخ الحرام جا الفاظ بہ وڌائيندا آهن اِهو غلط طريقو آهي، بلڪ ڪي تہ مَعاذالله عَزَّوَجَلَّ ايتري تائين بڪندا آهن، اوهان جا پار اسان جا غلام. منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مُجَدّد دين ۽ ملت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فتاويٰ رضويہ جلد 22 صفحي 409 تي فرمائن ٿا: گهٽ ۾ گهٽ اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ ۽ ان کان بهتر وَرَحۡمَةُ الله ملائڻ ۽ سڀ کان بهتر وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪرڻ ۽ ان کان علاوه زيادتي ناهي. پوءِ سلام ڪرڻ واري جيترن لفظن ۾ سلام ڪيو آهي جواب ۾ ايترا الفاظ موٽائڻ ضروري آهي ۽ افضل اهو آهي تہ جواب ۾ زياده چئي. هُن اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ چيو تہ هي وَعَلَيۡكُمُ السَّلامُ وَرَحۡمَةُ الله چوي ۽ جيڪڏهن هُن اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَةُ الله چيو تہ هي وَعَلَيۡكُمُ السَّلامُ وَرَحمَةُ الله وَ بَرَكَاتُهٗ چوي ۽ جيڪڏهن

ان وَبَرَكَاتُهٗ تائين چيو تہ ھي بہ ايترو ئي چوي ان کان وڌيڪ ناھي. واللهُ تعالیٰ اَعلم
﴿9﴾ اھڙي طرح جواب ۾ وَعَلَيْكُمُ السَّلامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئي 30 نيڪيون حاصل ڪري سگھجن ٿيون ﴿10﴾ سلام جو جواب جلدي ۽ ايڏي آواز سان ڏيڻ واجب آھي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي ﴿11﴾ سلام ۽ سلام جي جواب جو صحيح تَلَفُّظ ياد ڪري وٺو. پھريان مان چوان ٿو اوھان ٻڌي دُھرايو: اَلسَّلامُ عَلَيكُمْ (اَسْ۔سَلامُ۔عَلَیْ۔کُمْ) ھاڻي پھريان مان جواب ٻڌايان ٿو پوءِ اوھان دُھرايو: وَعَلَيكُمُ السَّلام (وَعَلَيْکُ۔مُسْ۔سَلَام)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون ھزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**" ھديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙھو. سنتن جي تربيت جو ھڪ بھترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آھي.

سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعو ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرا پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو بہ ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، [1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِمدينهصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## (4)ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمدصاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[4]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ ائين پڙهندو آهي.[5]

---

[3]...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[4]...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاة الثانیة والخمسون،ص149

[5]...القول البديع،الباب الاول،ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُودِ شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظَّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[6]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[7]

## (1) ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 پيرا پڙهيو تہ ان ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[8]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

6 ... الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٢/٣٢٩،حديث:٣٠

7 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305

8 ... تاريخ ابنِ عساكر،١٩/١٥٥،حديث:٤٤١٥

www.dawateislami.net